# زمين جي تياري جا مرحلا

ساون گاهن جي پوکائي کان پهريان آباد زمين ۽ آبپاشي جي لاءِ استعمال ٿيڻ واري پاڻي جو تجزيو ڪرائي نامياتي ۽ ڪيميائي ڀاڻن جي مطلوبہ مقدار جو صحيح اندازو لڳائڻ ضروري آهي. انهي مقصد جي لاءِ مٽي ۽ پاڻي جو نمونو ڪٺي ضلعي واري ليبارٽري ۾ موڪليو.

## پاڻي جو نمونو وٺڻ جو طريقو

- ☆ پاڻي جو نمونو شيشي يا پلاسٽڪ جي صاف بوتل ۾ وٺو.
- ☆ نمونو هميشہ ٽيوب ويل مان نڪرندڙ پاڻي مان وٺو.
- ☆ نمونو وٺڻ کان پهريان ٽيوب ويل کي 10 کان 20 منٽ تائين هلڻ ڏيو.
- ☆ بوتل کي سٺي نموني بند ڪري سڃاڻپ جي لاءِ ليبل لڳايو.
- ☆ ليبل تي بورجي گهرائي ضرور نوٽ ڪريو.






## مٽي جو نمونو وٺڻ جو طريقو

فصل کي چار حصن ۾ برابر ورهائي هر حصي مان برابر مقدار ۾ مٽي جو نمونو حاصل ڪريو.
مٽي جو نمونو زمين جي ہ مختلف تحن مان ورتو وڃي ٿو مٿين سطح زيرو کان ڇهہ ۽ هيٺين سطح ڇهہ کان ٻارنهن انچ هجڻ گهرجي.

☆ ٻنهي سطح تان ورتل نمونن کي الڳ الڳ ملائي ہ الڳ نمونہ ٺاهيو پوءِ انهن کي هڪ هڪ ڪلو جي پلاسٽڪ بيگ ۾ لڳائي شناخت لاءِ ليبل لڳايو.






## ڀاڻن جو استعمال



مناسب مقدار ۾ نامياتي ۽ ڪيميائي ڀاڻن جو استعمال ڪري زمين جي زرخيزي ۾ اضافو ڪري في ايڪڙ جي پيداوار کي بهتر بڻائي ٿو.

**ڇيڻو :** جانورن جو ڇيڻو زمين جي زرخيزي وڌائڻ جي لاءِ هڪ سستو ۽ قابلِ عمل ذريعو آهي پر ڇيڻي جي ڀاڻ کي زمين ۾ حل ٿيڻ جي لاءِ ڪيميائي ڀاڻن جي نسبت گهڻو وقت گهربل هوندو آهي انهي جي لاءِ پوکائي کان هڪ مهينو پهريان 3 کان 4 ٽراليون في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجن.



**ڪيميائي ڀاڻ :** ڪيميائي ڀاڻ استعمال ڪرڻ کان پهرين آبادي واري زمين ۽ فصلن جي ضرورتن کي مدنظر رکجي.



## ٻج جي چونڊ

سائي گاهه جي بهتر پيداوار جو دارومدار ٻج جي چونڊ تي هوندو آهي، تنهن ڪري جديد قسم جا صحتمند، گند ڪچري کان پاڪ ۽ مستند ذريعن کان حاصل ڪيل ٻج پوکيو.

### ٻج جو قابل اعتماد ذريعو

| سيريل نمبر | جڳهه | رابطو نمبر |
|---|---|---|
| -1 | زرعي تحقيق سنڌ، زراعت کاتو حڪومت سنڌ | 022-2765504 |

# ٻج جي تياري جا مرحلا

## ٻج جي پيداوار جانچڻ جو طريقو

ٻج جي ڦٽڻ جي پيداوار جانچڻ جي لاءِ ٻج جو في ايڪڙ پيداوار جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو، ڪنهن به سائي گاهه مان وڌيڪ پيداوار وٺڻ جي لاءِ پيداوار جي شرح 90 سيڪڙو کان مٿي هجڻ گهرجي.

1. مناسب نمي ۽ درجه حرارت جي موجودگي ۾ ٽشو پيپر يا ٻوري تي ٻج ڳڻي ڦيلائي ڇڏيو.



2. هاڻي انهي ٽيلي کي تهه در تهه ٻڌي هوا بند ڪري ڇڏيو.



3. هر ٻن کان ٽن ڏينهن کانپوءِ ٽيلي کي کولي ڦٽيل ٻجن جي تعداد ڳڻي ۽ سڙيل ٻجن جي تعداد ڳڻي الڳ ڪدي ڇڏيو.



4. اهو عمل تمام ٻجن جي پيداوار ٿائين جاري رکو جنهن جي لاءِ عام طور تي هڪ کان ٻه هفتا گهربل آهن.



## ٻج جي صفائي جو طريقيڪار

عام طور تي ٻج جي صفائي جو طريقيڪار هوا، پاڻي يا سيڊ گريڊر سان ڪئي ويندي آهي جنهن سان ٻج ۾ موجود مٽي، جڙي ٻوٽين جا ٻج ۽ ٻين **آلائشن** کي ختم ڪري سگھجي ٿو. انهي عمل کي ڪرڻ سان في ايڪڙ جي وڌ کان وڌ پيداوار جي **هدف** کي ممڪن بڻائي سگھجي ٿو.





## سينور کان بچاءُ جي دوائن جو استعمال

پوکائي کان پهريان سينور کان بچاءُ جي دوائن جو استعمال ڪرڻ سان ٻج جي بيمارين کان بچي سگھجي ٿو. مختلف سائي گاهن جي ٻجن تي استعمال ٿيڻ وارين دوائن ۽ مقدار جو طريقيڪار ٽيبل ۾ ڏنل آهي.

| گاهه | سينور کان بچاءُ جون دوائون | مقدار (في ڪلوگرام) |
|---|---|---|
| جوئر | ڊيرو سل / ڪاريندا زيم | 2.5 |
| سدابهار(هائبرڊ) | بوسبيٽن يا پريگيور ڪومبي | 2.5 |
| ٻاجهر | ٽاپسن – ايم يا سڪور | 2.0 |
| برسيم | براسيڪول يا ٽيگورا | 2.0 |
| جئي | ٽاپسن-ايم يا سڪور | 2.0 |
| لوسڻ | رڪسل يا سڪور | 2.0 |
| | ڊيرو سل | 2.5 |






اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، لاهور.
فون: 042-37212339 ويب سائٽ: www.aslpdairy.pk

# جڙي ٻوٽين ۽ ڪيڙن جي خاتمي جي لاءِ سفارشون

جڙي ٻوٽيون ساون گاهن جي لاءِ گهربل پاڻي، خوراڪ، هوا، جڳهه ۽ روشني کي استعمال ڪري گهٽتائي جو سبب بڻجن ٿيو ۽ نقصان ڏيندڙ ڪيڙن کي فائدو ڏئي ساون گاهن ۽ جانورن ۾ مختلف قسم جون بيماريون پکيڙڻ جو سبب بڻجن ٿيون. جڙي ٻوٽين ۽ ڪيڙن جي خاتمي جي لاءِ ڪيميائي ۽ غير ڪيميائي طريقو استعمال ڪري سگهون ٿا.

## ڪيميائي طريقو

عامطور تي ساون گاهن ۾ ڪيميائي دوائون استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي اگر گهڻي ضرورت هجي ته زرعي ماهر جون تجويز ڪيل دوائن جو استعمال ڪرڻ گهرجي .

- دوائن جي چونڊ کان پهريان ساون گاهن تي حملو ڪندڙ جڙي ٻوٽين ۽ ڪيڙن جي سڃاڻپ تمام ضروري آهي.
- دوائون هميشہ مستند ذريعن کان حاصل ڪريو.
- دوائون هميشہ گهربل مقدار ۽ ليبل تي تجويز ڪيل طريقي جي مطابق اسپري ڪريو.
- اسپري هميشہ منجهند جي ٽائيم استعمال ڪرڻ گهرجي پر بارش ۽ تيز هوا جي صورت ۾ انهي جي استعمال ڪرڻ کان پرهيز ڪريو.



- اسپري ڪيل ساون گاهن کي گهٽ ۾ گهٽ 15 ڏينهن جانورن کي کارايو.

## غير ڪيميائي طريقو

جڙي ٻوٽين ۽ ڪيڙن جي خاتمي جي لاءِ هي طريقا تقريبن سستا، محفوظ ۽ ڪارائتا آهن.

- ٻج هميشہ جڙي ٻوٽين جي ٻجن کان پاڪ هجي.
- فصلن کي هميشہ تبديل ڪرڻ ۽ مٽي اٿلائڻ وارو هر جڙي ٻوٽين جي خاتمي جي لاءِ فائديمند آحي.
- ڪٽائي کان پوءِ فصلن جي پاڙن کي ساڙڻ سان انهي ۾ موجود گهڻو ڪري ٻوٽين جي ٻجن جو خاتمو ڪري سگهجي ٿو.



- پوکائي کان پهريان اگر زمين کي پاڻي ڏئي ڪجهه عرصي لاءِ ڇڏي ڏجي تہ ڪافي حد تائين جڙي ٻوٽين کان ڇٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو.



- جڙي ٻوٽين جي خاتمي جي لاءِ ساون گاهن کي لائن ۾ پوکڻ سان گڏ جو عمل آساني سان ڪري سگهو ٿا.


اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ
يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، لاهور.
فون: 042-37212339 ويب سائٽ: www.aslpdairy.pk

# ساون گاهن جي گڏيل پوکائي

| خريف جا فصل | ربيع جا فصل |
|---|---|
| چوئنرا + جوئر | برسيم + جَوَ |
| چوئنرا + مڪئي | برسيم + سرنهن |
| گوار + مڪئي | لوسڻ + جَوَ |

ٻن مختلف قسمن جي گاهن جي پاڻ ۾ پوکائي جي عمل کي گڏيل پوکائي چئبو آهي. عام طور تي .2
انهي طريقي سان هڪ گاهه جي غذايت کي ٻئي گاهه مان پورو ڪري سگهجي ٿو.مثالطورغير .3
ڦرين وارن گاهن کي ڦرين وارن گاهن سان پوکائي ڪرڻ سان گاهن جي مجموعي غذايت کي وڌائي سگهجي ٿو.

| مختلف گاهه | جنسون | | پوکائي جو وقت | زمين جي تياري | ٻج جو مقدار/ايڪڙ (ڪلوگرام) | پاڻ في ايڪڙ: پوکائي جي وقت | پاڻ في ايڪڙ: بعد ۾ | پاڻي | پيداوار (في مڻ) |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| چوئنرا ۽ جوار | چوئنرا | براساتي فارم - 71 ڊبل ڪراپ CBED-71 | فيبروري کان آڪٽوبر | 3 کان 4 دفعا هر ڏجي، ضرورت جي مطابق روٽاويٽر ۽ ڊسڪ هيرو هلايو | چوئنرا 10 کان 12 | هڪ ٻوري ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا | پهرين پاڻي سان هڪ ٻوري يوريا | 2 کان 3 دفعا پاڻي ڏجي | 500 کان 600 |
| | جوار | ڏيپر ۽ ريڊ جانپور | | | جوار 25 ڪلو گرام | | | | |
| برسيم ۽ جَوَ | برسيم | مصري، پنجاب، سنڌ لوڪل | فيبروري کان آڪٽوبر | 3 کان 4 دفعا هر ڏجي، ضرورت جي مطابق روٽاويٽر ۽ ڊسڪ هيرو هلايو | 8 کان 12 ڪلوگرام في ايڪڙ | ٻه ٻوريون ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا اڌ ٻوري پوٽاش | پهرين پاڻي سان اڌ ٻوري يوريا | موسمي حالتن کي نظر ۾ رکندي 15 کان 20 ڏينهن کان پوءِ لڳائين | 1200کان1400 هڪ کان وڌيڪ ڪٽائيون |
| | جَوَ | لوڪل | | | 30 ڪلوگرام في ايڪڙ | | | | |



Charles Sturt University

Australian AID

# ساون گاهن جي کوٽ جا سبب

اسان جي ملڪ ۾ ساون گاهن جي سالاني پيداوار جانورن جي غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ناڪافي آهي. خاص طور تي سال ۾ ٻه دفعا (مئي، جون ۽ نومبر، ڊسمبر) جانورن کي سائي گاھ جي کوٽ جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو. انهي کوٽ کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ٽائيم تي پوکائي ۽ بهتر منصوبابندي وارا هيٺيان طريقا اپنائي گهٽ ڪري سگهجي ٿو.

## ساون گاهن جي مرحلي وار پوکائي :

جانورن کي سڄو سال غذايت سان ڀريل ساون گاهن جي فراهمي جي لاءِ هي طريقو ننڍن ڀاڳين جي لاءِ انتهائي آسان آهي جنهن ۾ زمين کي 3 کان 4 حصن ۾ ورهائي 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي جي پوکائي ڪئي ويندي آهي.

## وڌيڪ ڪٽائيون ڏيڻ وارن گاهن جي پوکائي :

اهڙن ساون گاهن جي پوکائي سان نہ صرف ساون گاهن جي کوٽ پر پيداواري لاڳت کي بہ گهٽ ڪري سگهجي ٿو، هي گاھ ٻن قسمن جا هوندا آهن :

- ☆ موسمي ساوا گاھ مثالطور سدابهار، ٻاجهر، برسيم ۽ جئي.
- ☆ سڄو سال پيداوار ڏيڻ وارا ساوا گاھ مثالطور لوسڻ ۽ ماٽ گراس.

## ساون گاهن کي محفوظ ڪرڻ

اسان جي ملڪ ۾ عام طور تي مارچ، اپريل ۽ آگسٽ، سيپٽيمبر ۾ سائو گاھ وڌيڪ مقدار ۾ موجود هوندو آهي جنهن کي ڀاڳيا پنهنجن وسيلن، موسمي حالتن ۽ گاهن جي قسمن کي نظر ۾ رکندي هيٺين مان ڪو هڪ طريقو اپنائي سائي گاھ کي محفوظ ڪري سگهي ٿو.

## سائليج ٺاهڻ جو طريقو

سائليج سائي گاھ جي غذايت ضايع ڪرڻ کان بغير محفوظ ڪرڻ جو هڪ بهترين طريقو آهي، مڪئي، جوار ۽ جئي سائليج ٺاهڻ لاءِ تمام ڪرائتا آهن.



## خشڪ / سڪل گاھ

ساوا گاھ مثالطور برسيم، لوسڻ، جئي ۽ جوار کي ايترو سڪايو جو ان ۾ پاڻي جو مقدار 12 سيڪڙو کان گهٽ رهجي وڃي تہ ان کي سڪل گاھ چئبو آهي.



# ڳوٺاڻي سطح تي ساون گاهن جي ٻجن جي پيداوار

هڪ اندازي مطابق اسان جي ملڪ ۾ صرف 10 سيڪڙو فارمر کي معياري ٻج جي فراهمي حاصل آهي جڏهن ته 90 سيڪڙو فارمر روايتي طريقن سان ٺاهيل ٻج پوکين ٿا. حڪومتي سطح تي تصديق ٿيل ٻجن جي پيداوار محدود هئڻ جي ڪري ضروري آهي ته ڳوٺاڻي سطح تي ٻجن جي پيداوار کي بهتر منصوبابندي تحت وڌايو وڃي. انهي منصوبابندي جي لاءِ ڪجهه هيٺ سفارشون ڏجن ٿيون.





- بهتر سوچ رکندڙ، وسيلن ۽ ساون گاهن جو ٻج ٺاهڻ جو تجربو رکندڙ فارمرن جي هڪ تنظيم ٺاهي وڃي ته جيئن وسيلن کي گڏجي ڪارآمد بڻائي سگهجي.
- انهي تنظيم جا ميمبر پاڻ ۾ پنهنجي مشورن، قائدن ۽ ضابطن کي اهڙي طرح ترتيب ڏين ته هرميمبر نفعي ۽ نقصان ۾ برابر جو حصيدار هوندو.
- ٻجن جي جديد تصديق ٿيل ٻجن تائين رسائي ۽ ٽيڪنيڪل رهنمائي جي لاءِ تنظيم جي ميمبرن جو حڪومت جي منتخب ڪيل ادارن سان رابطو تمام ضروري آهي.
- مقامي حالتن کي نظر ۾ رکي ڪري فائديمند مارڪيٽنگ جي لاءِ ڀرپور حڪمتِ عملي ڪئي وڃي ۽ باقائدگي سان انهي ماڊل جو غور وچار سان تجزيو ڪندا رهن.
- ڪاروبار کي وڌائڻ جي لاءِ تنظيم پنهنجي آس پاس جي ڳوٺن ۾ تربيتي پروگرام به ڪندي رهي.




اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور.

فون: 042-37212339 ويب سائٽ:www.aslpdairy.pk

# خريف جا گاهه

| مختلف گاهه | جنسون | پوکائي جو وقت | زمين جي تياري | ٻج جو مقدار / ايڪڙ (ڪلوگرام) | ڀاڻ جو استعمال (في ايڪڙ) پوکائي جي وقت | ڀاڻ جو استعمال (في ايڪڙ) بعد ۾ | پاڻي | پيداوار (في مڻ) | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| جوئر | • ڊيپر<br>• ريڊ جانپور | مارچ کان آگسٽ | 3 کان 4 دفعا هر ڏجي، ضرورت جي مطابق روٽاويٽر ۽ ڊسڪ هيرو هلايو | 25 | 2 ٻورين ڊي اي پي ۽ هڪ ٻوري يوريا | ڀهرين پاڻي سان گڏ هڪ ٻوري يوريا | بارش نه ٿيڻ جي صورت ۾ 3 کان 4 دفعا پاڻي ڏجي | 350 کان 500 |  |
| سدابهار | • هائبرڊ | مارچ کان جون | 3 کان 4 دفعا هر ڏجي، ضرورت جي مطابق روٽاويٽر ۽ ڊسڪ هيرو هلايو | 8 کان 10 | هڪ ٻوري ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري پوٽاش | ڀهرين پاڻي سان گڏ هڪ ٻوري يوريا ۽ هر ڪٽائي کان پوءِ اڌ ٻوري يوريا | بارش نه ٿيڻ جي صورت ۾ 12 کان 15 دفعا پاڻي ڏجي | 800 کان 1200 (3 کان 4 ڪٽائيون) |  |
| مڪئي | • نيلم<br>• آگاٽي 72<br>• حيدر اڪبر<br>• خليل<br>• سرحد اڇي<br>• سرحد ڦڪي | فيبروري کان آڪٽوبر | 3 کان 4 دفعا هر ڏجي، ضرورت جي مطابق روٽاويٽر ۽ ڊسڪ هيرو هلايو | ناڙي لاءِ 50<br>ڇٽ جي لاءِ 80 کان 100 | هڪ ٻوري ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري پوٽاش | ڀهرين پاڻي سان گڏ هڪ ٻوري يوريا | بارش نه ٿيڻ جي صورت ۾ 3 کان 4 دفعا پاڻي ڏجي | 400 کان 500 |  |
| ٻاجهر | • سي · 18 • سي · 47<br>• سي · 48 • بي · 48<br>• وائي · 72 • بي وائي · 18<br>• ڊي ايس · 1 • ايس · 14 | مارچ کان آگسٽ | 3 کان 4 دفعا هر ڏجي، ضرورت جي مطابق روٽاويٽر ۽ ڊسڪ هيرو هلايو | 15 کان 20 | هڪ ٻوري ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري پوٽاش | ڀهرين پاڻي سان گڏ هڪ ٻوري يوريا ۽ هر ڪٽائي کان پوءِ اڌ ٻوري يوريا | بارش نه ٿيڻ جي صورت ۾ 3 کان 4 دفعا پاڻي ڏجي<br>ملٽي ڪٽ ٻاجهر 8 کان 10 دفعا پاڻي لڳايو | نهري علائقا 400 کان 500<br>ملٽي ڪٽ 800 کان 1200 (ٽي کان چار ڪٽ) |  |

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ


يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، لاهور.
فون: 042-37212339 ويب سائٽ: www.aslpdairy.pk

Charles Sturt University

Australian AID

# ربيع جا ساوا گاھ

| مختلف گاھ | جنسون | پوکائي جو وقت | زمين جي تياري | ٻج جو مقدار / ايڪڙ (ڪلوگرام) | ڀاڻ جو استعمال (في ايڪڙ) | | پاڻي | پيداوار (في مڻ) | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | پوکائي جي وقت | بعد ۾ | | | |
| برسيم | • مصري<br>• پنجاب<br>• سنڌ لوڪل | آڪٽوبر کان ڊسمبر | 3 کان 3 دفعا هر ڏجي، ضرورت جي مطابق روٽاويٽر ۽ ڊسڪ هيرو هلايو | 8 کان 10 | 2 ٻوريون ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا | پهرين پاڻي سان اڌ ٻوري يوريا | 2 کان 3 دفعا پاڻي ڏيو | 800 کان 1000 |  |
| لوسڻ | • سرگودها لوسڻ | آڪٽوبر کان ڊسمبر | 3 کان 3 دفعا هر ڏجي، ضرورت جي مطابق روٽاويٽر ۽ ڊسڪ هيرو هلايو | 6 کان 8 | 2 ٻوريون ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا | پهرين پاڻي سان اڌ ٻوري يوريا | بارش نه ٿيڻ جي صورت ۾ 15 کان 18 دفعا پاڻي ڏيو (سڄو سال) | 800 کان 1000 |  |
| جئي | • لوڪل | آڪٽوبر کان ڊسمبر | 3 کان 3 دفعا هر ڏجي، ضرورت جي مطابق روٽاويٽر ۽ ڊسڪ هيرو هلايو | 50 | 2 ٻوريون ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا | پهرين پاڻي سان اڌ ٻوري يوريا | 2 کان 3 دفعا پاڻي ڏيو | 400 کان 500 |  |

## گاهن جي ڪٽائي جو صحيح وقت

| گاھ | ڪٽائي جو صحيح وقت | سُڪل گاھ جو حصو | لمحيات في سيڪڙو |
|---|---|---|---|
| برسيم | پهريون لابارو 60 کان 70 ڏينهن کانپوءِ ۽ ٻيو لابارو 35 کان 40 ڏينهن کانپوءِ ۽ ان کانپوءِ مارچ ۽ اپريل جي مهينن ۾ 20 کان 25 ڏينهن کانپوءِ | 15 کان 20 | 18 کان 20 |
| لوسڻ | پهريون لابارو 80 کان 90 ڏينهن کانپوءِ، سياري ۾ 40 کان 50 ڏينهن کانپوءِ ۽ گرمين ۾ 25 ڏينهن کانپوءِ | 18 کان 25 | 20 کان 22 |
| جئي | 50% سنگ اچڻ وقت ۽ وڏيڪ لاب وٺڻ لاءِ 45 کان 60 ڏينهن کانپوءِ لابارو ڪريو. | 20 کان 25 | 10 کان 12 |

| گاھ | ڪٽائي جو صحيح وقت | سُڪل گاھ جو حصو | لمحيات في سيڪڙو |
|---|---|---|---|
| مڪئي | پوکائي کان 60 کان 70 ڏينهن کانپوءِ | 25 کان 30 | 07 کان 10 |
| جوئر | 50% سنگ اچڻ وقت ۽ وڏيڪ لاب وٺڻ لاءِ 45 کان 60 ڏينهن کانپوءِ لابارو ڪريو. | 30 کان 35 | 07 کان 10 |
| ٻاجهر | 50% نسري وڃي يا 60 ڏينهن جو گاھ ٿئي | 21.60 | 10.6 |
| سدابهار (هائبرڊ) | گاھ جي ڪٽائي گل نڪرڻ مهل ڪجي | | |